## سنڌي ۽ انگريزي ٻوليءَ جي ميلاپ سبب سنڌي ٻوليءَ تي گهرا اثر مرتب ٿيا.

# سنڌيءَ تي انگريزي ٻوليءَ جو اثر



مختيار احمد ملاح



illustration by kaptan abro

سنڌ ۾ انگريزن 1853ع کان تعليم جو هڪ نئون نظام ڏنو، جنهن تحت انگريزي ۽ سنڌي ميڊيم ڪوليا ويا. سنڌ جي وڏن شهرن ۾ اينگلو ورنيڪيولر اسڪول، آفيسون ۽ ادارا قائم ٿيا. انگريزن لاءِ سنڌيءَ جي امتحان پاس ڪرڻ جا انتظام ٿيا ته، سنڌي ماڻهن لاءِ انگريزي تعليم جو بندوبست ٿيو. 24 اپريل 1848ع تي بمبئيءَ جي گورنر جارج ڪلرڪ اعلان ڪيو ته، سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي. هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو 18 مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن. سنڌن سرڪاري نوڪري ۽ ترقي سنڌن سنڌيءَ جي ڪامياب امتحان سان لاڳو هئي. ”الف_ ب“ جي مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ فريئر رٽ ڏني ته آئيندي سرڪاري نوڪريءَ ۾ ترقي تڏهن ملي سگهندي، جڏهن سرڪاري ملازم کي سنڌي زبان لکڻ ۽ پڙهڻ ايندي.
انگريز آفيسرن کي سنڌي زبان سان شناسا ڪرڻ لاءِ بي ايچ ايلس،

**24 اپريل 1848ع تي بمبئيءَ جي گورنر جارج ڪلرڪ اعلان ڪيو ته، سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي. هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو 18 مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن. سنڌن سرڪاري نوڪري ۽ ترقي سنڌن سنڌيءَ جي ڪامياب امتحان سان لاڳو هئي. سنڌ جي 25 انگريز آفيسرن ٿوري وقت ۾ سنڌي زبان جو تحريري امتحان پاس ڪري ورتو.**

ڪئپٽن اسٽئڪ جي نامڪمل گرامر ۽ لغت جي تڪميل جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ ان ڪانسواءِ هن گورنمينٽ طرفان هڪ سئو رپين جو انعام انهن آفيسرن لاءِ مخصوص ڪيو، جي سنڌي زبان جي تحريري امتحان ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهندا. ان رٽ جو وڏو اثر پيو ۽ سنڌ جي 25 انگريز آفيسرن ٿوري وقت ۾ سنڌي زبان جو تحريري امتحان پاس ڪري ورتو.
سر بارٽل فريئر 45 امتحاني مرڪز کولڻ جو حڪم ڏنو، جتي سال ۾ به ڀيرا سنڌيءَ جو امتحان ورتو ويندو هو، ۽ هر مرڪز تان پهريان ٽي نمبر حاصل ڪندڙ کي وظيفا ۽ سرڪاري ملازمت جي آڇ ڏني ويندي هئي. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌي زبان ڪجهه سالن اندر هيٺئين انتظامي سطح تي استعمال ۾ آئي. 45 امتحاني مرڪزن مان پاس ٿيندڙ ۽ اسڪالرشپ حاصل ڪندڙ انگريزي تعليم طرف وڌيا ۽ ڪلرڪ يا ٻيا ننڍا سرڪاري عهدا حاصل ڪرڻ لڳا. ”امتحاني ڪورس ۾ سنڌي پهاڪا ۽ سنڌي جملن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ۽ انگريزي جملن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو شامل هوندو هو. مضمون لکڻ لاءِ ڪين اجازت هوندي هئي ته هو ڪهڙو به خط استعمال ڪن.“
13 جولاءِ 1853ع تي سنڌيءَ لاءِ عربي_ فارسي رسم الخط واري 52 حرفن تي مشتمل ”الف ب“ رائج ڪئي ويئي، جا اڄ تائين اسين ڪم آڻي رهيا آهيون_ ۽ انگريزي تعليم جي لاءِ ڪتابن جي اشاعت ٿي. ان سان سنڌي ٻوليءَ جو انگريزي ٻوليءَ سان گهرو ناتو قائم ٿيو. سنڌي ماڻهو انگريزي سکيا ۽ انگريزيءَ ۾ لکڻ پڙهڻ ۾ قابليت حاصل ڪيائون. ان سان گڏ انگريزي عملدارن سنڌي سکي. هُو سنڌي ماڻهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا، سنڌن ڏک سور معلوم ڪندا هئا. سرڪاري محڪمن ۾ سنڌي ٻولي استعمال ٿيندي هئي. روينيو جو رڪارڊ سنڌيءَ ۾ رکيو ويو. قانون جي ڪاتي ۾ ڪارروائي سنڌيءَ ۾ هلندي هئي. قانون جا ڪتاب انگريزيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ ڇپايا ويندا هئا. انگريزن کي تاڪيد ٿيل هوندو هو ته آفيسن ۾ اينڌڙ ماڻهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي وڃي.
انگريزن جا گهر ٻار به سنڌ ۾ هوندا هئا. سنڌن عبادت جون جايون به هتي هيون، ته سنڌن ماتحت ملازم ۽ اردلي به سنڌي هوندا هئا. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ ۾ انگريزيءَ جو اثر تيزيءَ سان وڌيو. ان سلسلي ۾ پروفيسر عبد الله مگسي پنهنجي ڪتاب ”سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو“ ۾ لکي ٿو ته،”هن طرح سان انگريزن سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي تسليم ڪندي هتان جي عوام جي ثقافتي تشخص جي مقامي قدرن ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪيو، ڇاڪاڻ ته ٻولي ڪنهن قوم جي ثقافت جو بنياد ۽ ان جي فروغ جو اهم ذريعو هوندي آهي، ان ڪري تاريخ ۾ پهريون دفعو هتان جي عوام وچ ۾ ٻوليءَ جي ذريعي تخليقي رشتا قائم ٿيا. اترادي، لاڙي، ٿري ۽ ڪوهستاني ماڻهو، جيڪي هن کان اڳ ثقافت جي مختلف درجن تي پکڙيل هئا، تن جي وچ ۾ مضبوط رابطو قائم ٿيو. مختلف نسلي ۽ قبائلي گروهن، جن جون ثقافتي ۽ معاشرتي تاريخون، سنڌن لباس، عادتون ۽ روايتون هڪ ٻئي کان بلڪل جدا ۽ مختلف هيون، تن ۾ زبان جي ڪري قومي وحدت، قومي اندازِ فڪر ۽ سنڌن طرزِ زندگيءَ ۾ ثقافتي هڪ جهڙائي پيدا ٿي.“
سنڌي ۽ انگريزي ٻوليءَ جي ميلاپ سبب سنڌي ٻوليءَ تي گهرا اثر مرتب ٿيا. ٻولين جي اهڙي ميلاپ مان سڀ کان گهڻو اثر لفظي ذخيري تي پوندو آهي. سنڌيءَ ۾ به انگريزيءَ جا هزارين لفظ بطور دخيل لفظن (Loan Words) جي داخل ٿيا. ”سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ضرورت تحت سنڌيءَ ۾ اهڙن هم معنيٰ لفظن جي ناپيد هجڻ سبب انگريزيءَ مان اهڙا لفظ اڌارا ورتا ويا. پسند/ اختيار سان ورتل لفظ پنهنجي اظهار ۾ وسعت ڏيڻ ۽ معنوي نڪتهءِ نگاهه کي مختلف انداز سان بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا.“
انگريزي دخيل لفظ سنڌيءَ ۾ اهڙيءَ طرح سمائجي ويا، جو انهن سان سنڌي گرامر جا قاعدا قانون لاڳو ڪري مڪمل سنڌي لفظ ۽ ترڪيبون ٺاهيون ويون، جهڙوڪ فعل ٺاهڻ:

فلم + آئڻ= فلمائڻ

ٻٽا فعل ٺاهڻ:

پاس + ڪرڻ= پاس ڪرڻ
فيل + ڪرڻ= فيل ڪرڻ
پاس + ٿيڻ= پاس ٿيڻ
فيل + ٿيڻ= فيل ٿيڻ

حرف اضافت: /ي/ پڇاڙي لڳائڻ سان سنڌيءَ ۾ اضافت ڏيکاري ويندي آهي. مثلاً سرڪار+ ي = سرڪاري. اهڙيءَ طرح انگريزي لفظن سان سنڌي گرامر جو اصول/ ي/ پڇاڙي ملائي لفظ ٺاهيا ويا:

اسڪول + ي= اسڪولي
ڪاليج + ي= ڪاليجي
فلم + ي= فلمي.

**واحد_ جمع جا اصول:** انگريزي لفظن سان به واحد_ جمع جو قاعدو سنڌي گرامر موجب لاڳو ڪيو ويو:

| جمع | واحد |
|---|---|
| ماسترَ | ماسترُ |
| ماسترياڻيون | ماسترياڻي |
| ڊاڪترَ | ڊاڪترُ |
| ڊاڪترياڻيون | ڊاڪترياڻي |

”اثر پذير ٻولي جڏهن اثرانداز ٿيندڙ ٻوليءَ جا لفظ پنهنجي اندر جذب ڪندي آهي، تڏهن انهن کي پنهنجي سُتاءَ ۽ سرشتي موجب تبديل ڪندي آهي.“ سنڌي ٻوليءَ انگريزيءَ جا ڪيترائي لفظ هوبهو اختيار ڪيا، پر ڪيترن لفظن ۾ آوازي تبديليون ڪيون، مثال طور:

| سنڌي | انگريزي |
|---|---|
| اسٽان | اسٽينڊ |
| ٽيشڻ | اسٽيشن |
| بلف يا ٻلب | بلب |
| اسپتال | هاسپيٽل |
| رٻڙ | ربر |
| ڏاڪدر | ڊاڪٽر |

انگريزي لفظ، جن جي آخر ۾ به وينجن گڏ اچن ٿا، تن جي وچ ۾ ۽ آخر ۾ ’س‘ ملائي سنڌي لفظ ٺاهيا ويا، جهڙوڪ:

| سنڌي | انگريزي |
|---|---|
| باڪُس | باڪس |
| گرلِس | گرلس |
| فلپِس | فلپس |
| ڪورَٽِ | ڪورٽ |
| پيپلُس | پيپلس |

جيئن ته عام طور سنڌي اسم جي آخر ۾ ڪونه ڪو ”سر“ هوندو آهي، تنهنڪري انگريزي دخيل ساڪن لفظ، جنهن جي آخر ۾ وينجن هوندو آهي، ان ۾ به ڪو ڇوٽو سر ملائي سنڌي لفظ ٺاهيو ويندو آهي. مثال طور:

| سنڌي | انگريزي |
|---|---|
| ڪوٽُ | ڪوٽ |
| ڪارڊُ | ڪارڊ |
| بوڪُ | بوڪ |
| فلمَ | فلم |
| ڪرِيمِ | ڪريم |

اهڙيءَ طرح انگريزيءَ جي هڪ پدي لفظ کي تبديل ڪري ٻه پدو لفظ ٺاهيو ويو. پدن جي اها جوڙجڪ سنڌي صوتياتي اصول موجب آهي.“
انگريزن جي دور ۾ انگريزي ادب سنڌيءَ ۾ تمام گهڻو ترجمو ٿيو ۽ هزارن جي تعداد ۾ انگريزي لفظ سنڌيءَ ۾ شامل ٿيا. اهڙيءَ ريت آفيسن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ سنڌي ۾ آيا، مثال طور: آفيس، فائيل، پيپر، پينشن، رٽائرمينٽ، ڪورم، ميٽنگ، انٽرڪام، آفيسر، ڪلرڪ، فون آپريٽر، ڊيوٽي، فون رسيور، ٽيليفون، ڊرافٽ، گورنمينٽ سروس، ورڪنگ پيپر، پروموشن، منٽس، بلڊنگ، ڪميشن آفيسر، سي.ايس.ايس، پي.سي.ايس، ڊي.ايم.جي گروپ، ڪانفرنس، ورڪشاپ، ٽريننگ سينٽر، ڪورٽ، پارٽ ٽائيم، اسڪيل، گريڊ، ٽيڪس، پراپرٽي ٽيڪس، انڪم ٽيڪس، ايڊريس، پوسٽ، واچ ۽ ٽائيم وغيره وغيره.
اهڙي طرح اسڪولي نظام ۾ ڊگرين ۽ استعمال ۾ اينڌڙ شين ۾ به هزارين لفظ سنڌي ۾ مروج ٿيا آهن، مثال طور: اسڪول، هوم ورڪ، ڪاليج، يونيورسٽي، پرنسپال، ليڪچر، ليڪچرار، مئٽرڪ پاس، ايم اي، پي ايچ ڊي، ميڊيڪل، هاسٽل، انجنيئري، پائيپ، يونيورسٽي، ڊاڪٽر، مڪينيڪل انجنيئر، نوٽيس ۽ ٻيا هزارين لفظ شامل آهن.
عام استعمال ۾ اينڌڙ لفظ جهڙوڪ، هوٽلن ۾، بنڪن، بازرن ۾، گاڏين ۾، گهر جي عام استعمال ۾ بيشمار لفظ شامل ٿي ويا آهن، جن کي الڳ ڪرڻ هاڻي شايد مشڪل ٿي وڃي. مثال طور: سگريٽ، نائيٽ گائون، ايپرن، فليٽ، برش، موبائيل، انٽرنيٽ، ڪمپوٽر، ڪارڊ، ٽيپ رڪارڊر، پالش، راڪ ميوزڪ، ڊيڪ، ڪيسٽ، ڪار، هارن، ڪارپورچ، فرج، بل، گئس، ايئرڪنڊيشن، فريزر، ڊائل، فري اسٽائل، ڊرل مشين، آمليٽ، ٽوسٽر، سلائيز، پينشن، اسپيشل، آئسڪريم، موٽر، چيونگ گم، سالينسر، فلائينگ ڪس، سگار، بم، مسز، سوٽ پتلون، گيراج، جگ، گلاس، وڊيو ڪيمرا، فرنيچر، سائنس، ڊيزل، ڪالر، ورڪشاپ، پارٽي، بنگلو، ٽيڪسي، وي سي آر، سپرمارڪيٽ، ٽرئفڪ، بريڪ، اسٽيرنگ، ڏڪا اسٽارٽ، سينڊوچ، سينڊل، اپارٽمينٽ، روبوٽ، روالورڪس، چاڪليٽ، فڪسڊ ڊپازٽ، فوٽو البمس، باڪس، فيشن شو، ماڊلس، چاڪليٽ ملڪ، ريڊيو، پاسپورٽ، ٽڪيٽ، ويلنٽائين ڊي، آٽوگراف، ڪيڪ، پيزا، ڪوپ، رين آپريشن، برگر، ڪورٽ شو، بيوٽي پارلر، ڪسٽم نيڪ ٽاءِ، ڊيش بورڊ، ٽشو بينڊ، ڪواٽر ، ايڪس ري، ڊي هائيڊريشن، لائونج، رسيور، ڊراءِ ڪلين، شارٽ ڪٽ، ڪوايجوڪيشن، وئڪيشن، ويڪسينيشن، پينٽنگ، چڪن سوپ، اسٽيج، مئگزين، سيڪنڊ هينڊ، انرجي، ٽيومر، نيل فائلر، ٽارچر سيل، وال ڪلاڪ، ٿينڪ يو موڊ، ڊائننگ ٽيبل، فروٽ، ايمرجنسي، ميٽر ريڊنگ، مٽيريل، ڊائمنڊ، ڊپريشن، ميسيج، ڊرائنگ روم، بلڊ پريشر، فڪس، ڊائلاگ، لَوليٽر، مست، ڪچن ۽ ٻيا هزارين لفظ پڻ ڳڻتي سگهجن ٿا.
ياد رهي ته آزاديءَ کان پوءِ، انگريزن جي وڃڻ سان انگريزيءَ جو اثر ختم نه ٿيو پر اهو اڃان به وڌيو، ڇو جو ملڪ جي سرڪاري ۽ آفيسن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولي ۽ تعليمي نظام انگريزي ۾ موجود آهي. ڊاڪٽر هدايت پريم لکي ٿو ته: ”اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽين ۽ آفيسن ۾ دفتري ڪاروباري ۽ تعليمي ٻوليءَ طور انگريزي ٻوليءَ جو عمل دخل ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي. انگريزي ٻوليءَ جا اثر سنڌ جي عام شهري زندگيءَ تي تمام گهرا ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ تي قدري ٿوري انداز ۾ مرتب ٿي رهيا آهن. مغرب جي ثقافتي غلبي جي نتيجي ۾ هتان جو شهري انگريزي لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ فخر محسوس ڪري ٿو ۽ انگريزيءَ جا اڪيچار لفظ پنهنجي عام سنڌي گفتگوءَ ۾ تنبي ڳالهائڻ لڳو آهي. انگريزيءَ جا اهڙا لفظ جن جا متبادل سنڌيءَ ۾ مشڪل ملن، تن کي قبول ڪرڻ ۾ ڪوبه هرج ڪونهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ باعث ڪيترائي سائنسي لفظ ۽ اصطلاح نه صرف سنڌي ٻوليءَ پر دنيا جي اڪثر ٻولين قبول ڪيا آهن ۽ عام جام ڳالهايا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح مختلف ٻولين جا لفظ ٻين ٻولين ۾ جذب ٿي وڃن ٿا.“
جڏهن ته انگريزي جي وڌندڙ اثر جي لاءِ شبنم گل لکي ٿي ته، ”انگريزي ٻولي تي 1977ع ۽ 1988ع دوران وڌيڪ ڌيان ڏنو ويو. استادن جي تربيتي ورڪ شاپس سان گڏ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي ڪيترائي منصوبا متعارف ڪرايا ويا. آمريڪا جا امدادي پروگرام ايشيا فائونڊيشن، يونائيٽيڊ اسٽيٽس انفارميشن سروس، دي ايجنسي آف انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ، برٽش ڪائونسل، اوورسيز ڊولپمينٽ ايجنسي، برٽش هوم آفيس وغيره انگريزي زبان جي فروغ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳيون. يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن ۽ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي پڻ ان ڏس ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جيئن ته اسان وٽ تقريبن سڄو تعليمي نصاب انگريزي زبان ۾ پڙهايو وڃي ٿو، ان ڪري موضوع جي حوالي سان بهترين ڪتاب انگريزيءَ ۾ ملن ٿا، ان ڪري سنڌي زبان يا ٻيون مادري زبانون هجن، انهن جي ترقي ۽ واڌ ويجهه تي ڪو خاص ڌيان نه ڏنو ويو. ڏنو وڃي ته انگريزي ۽ اردوءَ ٻنهي سنڌيءَ کي متاثر ڪيو آهي.“
جيڪڏهن ڏسجي ته سنڌي ٻوليءَ کان علاوه سنڌي ادب تي به انگريزي ادب جو تمام گهرو اثر آهي. انگريزن جي دور ۾ انگريز عملدارن سنڌي ادب جي حوالي سان تمام وڏو ڪم ڪيو، ته ٻئي طرف سنڌ جي عالمن ۽ اديبن انگريزي ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا يا خود سنڌي مواد کي انگريزي ۾ پيش ڪيو. ادب ۾ ناول، ڊراما، ڪهاڻي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي نثري صنفون انگريزيءَ جي معرفت سنڌي ادب ۾ شامل ٿيون. اهڙيءَ طرح شاعريءَ جون مغربي صنفون به انگريزيءَ وسيلي سنڌي ۾ رائج ٿيون.■